CITIZENS FOR A BETTER ENVIRONMENT

ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته شهرين جو هڪ
ننڍڙو طبقو جيڪو شعور رکندو آهي
اهو يقينن دنيا کي بدلي سگهي ٿو.
مارگريٽ ميڊ

# شهري

شهري براءِ بهتر ماحول

جولاءِ کان ڊسمبر 2016ع


# توانائي جي ڳولها- پاڪستان، ڳدلاڻ ۽ ماحولياتي تبديلي

## پاڪستاني ٽيڪس ڏيندڙن جي زندگين جي قيمت تي ڪول پاور پلانٽ تعمير ڪيا پيا وڃن




گهرو معاملن ۽ منشيات جي روڪ ٿام جي وفاقي وزير چوڌري نثار علي 19- اپريل 2016 تي پيرس معاهدي تي صحيح ڪئي آهي، پيرس معاهدي جي فقري 06 جي شق ۾ چيو ويو آهي:

(الف): ڳدلاڻ کي گهٽائڻ جي حوصلا افزائي ڪرڻ ۽ ان تي ثابت قدمي سان قائم رهڻ.

(ب): قومي سطح تي مقرر ڪيل جي نفاذ لاءِ سرڪاري ۽ نجي شعبي جي شرڪت کي وڌائڻ جي.

(ج): اورزان ۽ لاڳاپيل ادارن جي انتظامن کي هڪيئي سان ڳنڍڻ جي لاءِ موقعا پيدا ڪرڻ.

غير فطري ترقياتي سرگرمين کان فطري ماحول جي حفظ جي معاهدي تي صحيح ڪرڻ جي باوجود حڪومت، چين پاڪستان اقتصادي لنگهه (سي پي اي سي) منصوبي تحت وڏي پئماني تي ڪوئلي سان توانائي حاصل ڪرڻ جي منصوبن جي منظوري ڏني آهي.

(باقي صفحي 3 تي)

## اندريان صفحا


بي آر ٽي ۽ نج لائين.. 10

ڪراچي- سامونڊي جيوت کي بچايو 13

جمهوريه هوبارا 14

ڪراچي-شهري صحت ۽ بهتر زندگي 16

ڪراچي ۾ پاڻي جا مسئلا 20

عورتن جو مذاڪرو 21

پاڪستان ۾ هٿيارن کان پاڪ معاشرو 23

# اداريو

## پائيدار ترقي آڏو موجود ڏکيائون

پهرين جنوري 2016 تي ايجنڊا ”پائيدار ترقي جو نفاذ 2030ع جي لاءِ سموري دنيا اندر سرڪاري سطح تي ڪم شروع ڪيو ويو آهي، ان وڏي ۾ اهم منصوبي تي عمل 17 مضبوط حدفن جي بنياد تي ٿيندو ته جيئن اينڊڙ 15 سالن دوران اهم عالمي مسئلن کي منهن ڏئي سگهجي“.

بان کي مون، اقوام متحده جو اڳوڻو جنرل سيڪريٽري -

سماجي معاهدن ۾ حڪومت 17 مضبوط حدفن (SDGS) نوان جادوگرانه لفظ آهن. جيڪي عام شهري جي راءِ مطابق انهن مٿان ٿاڦيا ويا آهن، ڇا اسان ان جي سمجهه ۾ شعور رکون ٿا ته اسان جي لاءِ ان جو مطلب ڪهڙو آهي؟ اسان ڪيئن پنهنجي پسند جي خوراڪ تي نظرثاني، پاڻي جو استعمال گند ڪچري کي نڪاٽي لڳايون ۽ سڀ ڪان وڌيڪ اهم ڳالهه اها آهي ته پنهنجي گهرن ۾ معاشري اندر ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ ۾ لازمي طور حصو وٺون ٿا.

انهن حدفن ۾ انهن جي مقصدن جي باري ۾ عمومي رجحان اڻ لڀ آهي، حڪومت به ان سلسلي ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ دلچسپي نه ٿي ڏيکاري يا نه ئي هڪ صحت مند ماحول کي ترقي ڏيڻ جي لاءِ صارفانه رويي جي تبديلي جي لاءِ ڪا مدد فراهم ڪري ٿي.

ڪراچي بحيثيت هڪ وڏي شهر طور رهڻ جي قابل نه رهيو آهي. روزمره جي ٽريفڪ، وڏن روڊن تي ٿيندڙ حادثا، طرز زندگي تي وڌندڙ خرچ ۽ پاڻي، هوا جو نامناسب معيار زندگي جو حصو بڻجي چڪا آهن. سجاڳي پيدا ڪريو ۽ انهن جي زندگي جي رهڻي ۾ انقلابي تبديلي آڻيو ته جيئن انهن جي مستحڪم ترقي جي رستن ۾ موجود رڪاوٽن کي دور ڪري سگهجي ۽ انهن کي صحيح رخ ۾ ڏسي سگهجي.

شهري

R-88، بلاڪ 2، پي اِي سي ايچ ايس،
ڪراچي 75400، پاڪستان

ٽيليفون/فيڪس: 46 06 53 34-21-92+
E-mail: info@shehri.org
Url: www.shehri.org

ادارتي مشاورت: شهري-سي بي اي ٽيم

انتظامي ڪميٽي:

چيئرپرسن: نورالدين احمد
وائس چيئرپرسن: سمير حامد ڊوڏي
جنرل سيڪريٽري: امبر علي ڀائي
خزانچي: عامره جاويد
ميمبر: ڊيرڪ ڊين، محمد علي رشيد ۽ رولينڊ ڊي سوزا

باني ميمبر:

مسٽر خالد ندوي، بيرسٽر قاضي فائز عيسيٰ، نويد حسين، حمير الرحمان، دانش آذر زوبي، بيرسٽر زين شيخ ۽ قيصر بنگالي

شهري اسٽاف:

ڪوآرڊينيٽر: سرور خالد
اسسٽنٽ ڪوآرڊينيٽر: محمد ريحان اشرف
مئنيجر ڪميونيڪيشن: ايس حمنہ مهوش القادري
اڪائونٽ ڪنسلٽنٽ: عرفان شاهه
آفيس اسسٽنٽ: محمد طاهر
آفيس بواءِ: خورشيد احمد
سيڪيورٽي گارڊ: محمد مجاهد

قلمڪارن لاءِ هدايتون:

اوهان پڻ ”شهري“ لاءِ لکي سگهو ٿا. هن سلسلي ۾ معلومات لاءِ ”شهري“ جي آفيس سان رابطو قائم ڪريو. ايڊيٽر/ادارتي عملي جو هن خبر نامي ۾ شايع ٿيڻ وارن مضمونن سان متفق هئڻ ضروري نه آهي.

Production:
Saudagar Enterprises Group
Web: www.graphitework.com
www.thegridart.com
Ph: 021-34152970
Cell: 0333-2276331

مالي تعاون: فريڊرڪ نومان فائونڊيشن



Member of IUCN World Conservation Union

Every effort has been made to ensure the accuracy of the contents of this publication. The author or the organization does not accept any responsibility of any omission as it is not deliberate. Nevertheless, we will appreciate provision of accurate information to improve our work.

ساهيوال ڪول پاور پراجيڪٽ، ترڪول پاور پراجيڪٽ ۽ پورٽ قاسم ڪول پاور پراجيڪٽ انهن خطرناڪ منصوبن ۾ شامل آهن.

جرمن واچ جي ڏگهي عرصي واري ماحولياتي خطري کي انڊيڪس 2016 ۾ ماحولياتي تبديلي سان سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ ملڪن ۾ پاڪستان اٺين نمبر تي موجود آهي، ان جي مطابق 1996 کان 2014 جي عرصي دوران ماحولياتي بگاڙ جا 143 واقعا درج ڪيا ويا آهن، جنهن جي ڪري 03 ارب 93 ڪروڙ 10 لک ڊالرن جو نقصان ٿيو آهي. ان عرصي دوران 487 ماڻهو مري چڪا آهن، انهن انگن اکرن ۾ پهرين کان 06 نومبر 2016 جي دوران پنجاب ۾ ٿيل گهري ڌنڌ جي ڪري 81 فردن جو موت شامل نه آهي ۽ نه ئي ان دوران ڌنڌ جي سبب ٿيل 3967 زخمي ٿيل ماڻهن کي شامل ڪيو ويو آهي.

ڌنڌ ڪو خطري مظهر نه آهي، اهو هوائي گدلاڻ ۽ ڪهر جي ميلاپ سان وجود ۾ اچي ٿو جيڪو آبادي جي لاءِ مختلف بيمارين جو ڪارڻ بڻجي ٿو، وڌيڪ بين انگن اکرن ۾ قومي ۽ بين الاقوامي اخبارن ۾ 2015ع ۾ رپورٽ ٿيل ڪراچي شهر ۾ گرميءَ جي لهر سان ٿيل 1300 فردن جو موت به شامل نه آهي.

ڪول پاور پلانٽ تعمير ڪرڻ جي منظوري جي ڪري ماحولياتي بگاڙ ۾ اضافو ٿيندو، چو ته پاور پلانٽ سان فضا ۾ صحت خراب ڪندڙ گئسون شامل ٿي وينديون، اها وڏي پئماني تي عوام جي نسل ڪشي ڪرڻ جو هڪ نسخو آهي، پاڪستان ۾ پهريائين دريائي ٻوڏين، گرميءَ جي لهرن، گليشيئر ڍندن مان آيل ٻوڏين، ڌنڌ ۽ بين خطرناڪ آفتن جهڙي ماحولياتي بگاڙ جي واقعن ڪري سوين قيمتي جانيون ضايع ٿي چڪيون آهن ۽ حڪومت پهريان کان ئي غير محفوظ آبادي کي تحفظ ڏيڻ جي بجاءِ وڏي پئماني تي ماڻهن کي مارڻ جي منصوبه بندي ڪري رهي آهي، اهو عوام کي بيوقوف بڻائڻ جي لاءِ ڪا هترادوگهڙيل ڳالهه نه آهي، ڪول پاور پلانٽ لڳائڻ سان تباهه ڪن ماحولياتي تبديلي هڪ دوکو نه آهي، ڪوئلي ذريعي بجلي پيدا ڪرڻ جي سائنس سمجهڻ جي لاءِ اسان ايندڙ صفحي تي تصويرون ڏنيون آهن، انهن جو غور سان جائزو ورتو وڃي.









ڪول پاور پنهنجي پاور پيدا ڪرڻ جي سائيڪل جي مختلف مرحلن ۾ ماحول جي تباهي جو سبب بڻجي ٿي، نہ صرف هوا کي گدلو ڪري ٿي، بلڪ آس پاس جي زرخيز زمينن ۾ پاڻي جي ذخيرن کي تباهہ ڪري ڇڏي ٿي، جڏهن ڪنهن علائقي ۾ ڪول پاور پلانٽ ڪم ڪرڻ شروع ڪري ٿو تہ ان سان سمورو ماحولياتي نظام متاثر ٿئي ٿو. پاڪستاني ٽيڪس ادا ڪندڙ شهري پنهنجين جانين جي قيمت تي اهي پاور پلانٽ تعمير ڪري رهيا آهن. پنهنجيون اکيون کوليو ۽ سچائي تي يقين ڪيو



ساهيوال پاڪستان جي فروٽن ۽ ساين ڀاڄين جي ٺوڪري طور مشهور آهي، ضلع جي 18 لکن تي ٻڌل آبادي مان 83.73 سيڪڙو ماڻهن جي معاش جو ذريعو ۽ انهن جي زندگي جو دارومدار زراعت ۽ ان سان لاڳاپيل ڌنڌا آهن. اسان جي حڪومت اسان کي ڪول پاور پلانٽ لڳائي ڏئي رهي آهي.

افسوسناڪ ڳالهه اها آهي ته اهو صرف ساهيوال ئي نه آهي، بلڪ هتي ان جي هڪ مڪمل فهرست موجود آهي، ممڪن آهي ته اسان جي حڪومت ان طريقي سان ملڪ جي آبادي کي گهٽائڻ جي منصوبه بندي ڪري رهي آهي.

ڪول پاور پلانٽ جي نڪرندڙ ڪچري ۾ سنکيو، پارو، ڪيڊميم ۽ جست جهڙن خطرناڪ زهريلي مادن جو وڏو مقدار شامل هوندو آهي، جيڪڏهن اهي زهريلا ڳدلا عنصر هوا، فضا، زير زمين پاڻي ۾ جذب ٿي يا زمين تي موجود پاڻي جي ذخيرن ۾ خارج ٿيڻ وسيلي ماحول ۾ داخل ٿي وڃن ٿا ته پوءِ پيئڻ جو پاڻي ڳدلو ٿي سگهي ٿو ۽ اسان جي جانورن ۽ فصلن تي اثر انداز ٿي انهن کي صحت لاءِ نقصان ڪار بڻائي سگهن ٿا.

سنکيو ڪينسر، دل جي مرضن ۽ اعصابي مرضن جو سبب بڻجي ٿو. جڏهن ته ڪيڊميم بڪين کي نقصان پهچائي ٿو ۽ مثاني ۽ ڦڦڙن جي ڪينسر جي خطرن کي وڌائي ٿو. جست به ڪو انسان دوست عنصر نه آهي، ان ڪري ٻارن جي نشو نما متاثر ٿئي ٿي، ذهني ٿڪاوٽ، سوچڻ جي صلاحيت ۾ ڪمي، رت ۾ هيموگلوبين جي کوٽ ۽ مردن جي ٻارن پيدا ڪرڻ جي صلاحيت ۾ ڪمي جو سبب بڻجي ٿو.

پاور پلانٽ جي ڪچري کي نڪاٽي لڳائڻ وارن يونٽن مان خارج ٿيندڙ ذاتن جي ڪري ماڻهن کي ڪينسر ۽ ٻين بيمارين موجود مقرر مخصوص خطري جي مقابلي ۾ 10 هزار دفعا وڌيڪ خطرو آهي، ڳدلاڻ واري هوا جي ڪري پيدا ٿيندڙ صحت جا مسئلا به ساڳئي طرح خطرناڪ آهن.

شعور جي فقدان ڪري اسان جي حڪومت ڪوئلي مان پيدا ٿيندڙ توانائي جي غير معمولي فائدن تي يقين ڏيارڻ ۾ ڪامياب وئي آهي ۽ اسان انهن ايندڙ خطرناڪ ترين خطرن کي سمجهڻ بغير ان جي اعليٰ خوبين تي جهمريون هڻي رهيا آهيون. اسان کي ڪوئلي کي هڪ سستو توانائي جو ذريعو ٿيڻ جي خوشخبري تي يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.




QUIT COAL

**هيٺ ڏنل خاڪي ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هوا، پاڻي، ڇٽيو ۽ شمسي توانائي جي ذريعن جي لاڳت ڪوئلي ۽ ايٽمي توانائي جي ذريعن جي لاڳت جي مقابلي ۾ گهٽ آهي ۽ اهي انگ اکر 2010 جا آهن، 2016 ۾ سموري دنيا ۾ متبادل توانائي جي ذريعن ۾ لاڳت جي وڏيڪ ڪمي ٿي آهي.**




ان لاءِ اسان چئون ٿا تہ حڪومت ڄاڻي واڻي پنهنجي علاقائي ۽ سياسي مفادن جي لاءِ ڪروڙين ماڻهن ۽ انهن جي نسلن جي زندگين کي خطري ۾ وجهي رهي آهي.

هڪ مشهور آمريڪي رسالي "سائنٽيفڪ آمريڪن" جي 170 سالن جي تاريخ ۾ ان کي البرٽ آئن اسٽائن جهڙن عظيم سائنسدانن جو سهڪار حاصل رهيو آهي، ان جي هڪ رپورٽ ۾ ان حقيقت جو انڪشاف ڪيو ويو آهي تہ 23 آڪٽومبر 2016 تي چين پنهنجي علاقائي توانائي پاليسي کي ڪوئلي مان ٻين جديد ذريعن طرف منتقل ڪري ڇڏيو آهي، چيني توانائي پيدا ڪندڙ ادارن ڪچري کان بغير تيل جي ذريعي توانائي پيدا ڪرڻ ۾ 2020 تائين 15 سيڪڙو وڌائڻ جي منصوبابندي ڪري رهيا آهن. جڏهن تہ اهي پاڪستان ۾ ڪوئلي سان توانائي حاصل ڪرڻ جي منصوبن جي حوصلا افزائي ڪري رهيا آهن.

هڪ جرمن براڊڪاسٽر ڊيوشي ويلي جي مطابق چين 2016 ۾ بيجنگ، تيانجن، هنر ۽ هيندون ۾ 410 فيڪٽرين کي پنجن ڏينهن لاءِ پنهنجي پئداوار بند ڪرڻ جو حڪم ڏنو تہ جيئن ان جي صنعتي شهرن جي زهريلي هوا جي ڪري ٿيندڙ موتن کي روڪي سگهجي



Delhi Smog Blanket

ان سان گڏ ڀارت پنهنجي گادي واري شهر دهلي جي خطرناڪ دونهن ۽ ڌنڌ کان بچائڻ لاءِ پنهنجا ڪوئلي جي پاور وارا پلانٽ بند ڪري ڇڏيا آهن، جنهن ڪي انڊين ايڪسپريس اخبار شهرين جي لاءِ گدلي هوا ڪي گادي واري هنڌ جي سزا جو نالو ڏنو هو. ساڳئي طرح سپريم ڪورٽ ماحولياتي گدلاڻ کان تحفظ واري اداري (EPCA) جي ذريعي ڪچرو ساڙڻ، ڦٽاڪا هلائڻ ۽ سرن جا ڀٽا هلائڻ جي سرگرمين تي مڪمل پابندي لڳائڻ ڪي يقيني بڻايو آهي ته جيئن گادي واري شهر ۾ رهندڙ شهرين ڪي وڏيڪ صحت جي نقصانن کان محفوظ رکي سگهجي.

گرم گئس (گرين هائوس گئس) جي ذريعي ٿيندڙ نقصانن جي ناقابل ترديد ثبوتن هئڻ جي باوجود پاڪستاني سياسي قيادت ۽ نوڪر شاهي پنهنجي غلط فطرت ڪري پنهنجي ماحول ڪي تباهه ڪرڻ وارين پاليسين جي ذريعي نقصان ڏئي رهي آهي ۽ توانائي جي متبادل ذريعن جي بجاءِ گدلاڻ پيدا ڪندڙ ٻارڻ جي ذريعي توانائي پيدا ڪندڙ منصوبن جي حمايت ڪري رهي آهي.

پاڪ چين اقتصادي لنگهه واري منصوبي جي تحت ڪجهه توانائي جي متبادل ذريعن جي منصوبن تي ٻه ڪم ٿي رهيو آهي. مثلاً بهاولپور ۾ هڪ هزار ميگاواٽ جو شمسي پارڪ ۽ جهمپير ۾ 260 ميگاواٽ جا ونڊ فارم اهڙا منصوبا آهن جيڪي پورٽ قاسم ۾ 1320 ميگاواٽ جي ڪول پاور پلانٽ ۽ گوادر جي 300 ميگاواٽ جي ڪول پاور پلانٽ جي خطرناڪ منصوبن ڪي شرمندو ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن.

**اهي متبادل ۾ صاف توانائي جا منصوبا پاڪستان ۾ اهڙن منصوبن جي اهميت جي واضح نشاندگي ڪن ٿا. ٽيڪنيڪي سهولت ۽ ذريعا موجود آهن، اسان پنهنجن سمورن دوستن جي هٿان خودڪشي ڪرڻ لاءِ اصرار ڪري رهيا آهيون، ان اصرار جو ڪهڙو سبب آهي اهو اڃا تائين هڪ راز آهي.**

استينفورڊ يونيورسٽي ۽ يونيورسٽي آف ڪيليفورنيا ۾ ايم آءِ ٽي فضا/ توانائي پروگرام تحت ٿيل هڪ تازي تحقيق ۾ هڪ تفصيلي منصوبو تيار ڪيو ويو آهي ۽ اهو نتيجو ڪڍيو ويو آهي ته 2050 تائين هڪ جديد توانائي تي ٻڌل دنيا ممڪن آهي.

تحقيقاتي ٽيم هڪ قابل عمل عالمي نقشو تيار ڪيو آهي، جنهن ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته هر تجزيي ڪيل ملڪن اندر ڪهڙا توانائي جا ذريعا قابل عمل آهن. نقشي جي فهرست مطابق پاڪستان وٽ اهي وڏا ذريعا موجود آهن ۽ آبادي کي انهن مان فائدا حاصل ٿي سگهن ٿا، جيڪڏهن پاڪستان انهن جي تجويز ڪيل منصوبن تي عمل ڪري ڏيکاري.

تحقيق ۾ ٻڌايو ويو آهي ته پاڪستان ۾ ايتري گنجائش موجود آهي ته هو پنهنجي بجلي جي ضرورتن جو 92 سيڪڙو شمسي توانائي جي ذريعي پيدا ڪري سگهي ٿو. جيڪو سڄي دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ شمسي توانائي جي ذريعي بجلي پيدا ڪرڻ واري ملڪن ۾ شامل آهي. ان ۾ اٽڪل 58.1 سيڪڙو بجلي شمسي پلانٽ (CCP) جي ذريعي حاصل ٿي سگهي ٿي.




وڌندڙ زميني گرمي جي باري ۾ بين الاقوامي ذميواري ماحولياتي تبديلي ۽ وڌندڙ زميني گرمي جي درجي ۾ واڌ (گلوبل وارمنگ) سرحدن کان متاثهون عمل آهي، ان لاءِ ڪو به ملڪ پنهنجو پاڻ کي فضا ۾ گرم گئس جي وڌائڻ جي بين الاقوامي ڏوهه کان آجو قرار نه ٿو ڏئي سگهجي، پاڪستان ماحولياتي تبديلي جو سڀ کان وڌيڪ ٽيڻ جي باوجود نه صرف پنهنجن ماڻهن جي زندگين کي خطري ۾ وجهي رهيو آهي، بلڪ سڄي دنيا ۾ گدلاڻ ڪري ٿيندڙ موتن ۾ اضافي جو به سبب بڻجي رهيو آهي. ڪول پاور ڪو ترقياتي منصوبو نه آهي، اهو تباهي جو هڪ نسخو آهي.

پاڪستان کي ملندڙ فائدن جي سلسلي ۾ تحقيقاتي ٽيم دعويٰ ڪئي آهي ته ان منصوبي جي ذريعي 110، 291 فردن کي تعميراتي شعبي ۾ ڊگهي وقت تائين (40 سالن کان وڌيڪ) روزگار ملندو، ان جي آپريشن ڊويزن ۾ 989، 239 فردن کي ڊگهي وقت لاءِ روزگار فراهم ٿيندو.

طلبي لاڳت ۾ به ڪمي ٿيندي، جيڪو 2050ع ۾ ڪل جي ڊي پي جو اٽڪل 21 سيڪڙو ٿيندو. منصوبو هڪ سال اندر ئي فضائي گدلاڻ ۾ ماحولياتي لاڳت ۾ بچت جا فائدا ڏيڻ شروع ڪري ڇڏيندو. فضائي گدلاڻ ۾ 14 دفعا ڪمي ايندي.

بجلي جي لاڳت ۾ ڪمي هڪ ٻيو مثبت پهلو آهي، جيڪو موجوده تخميني جي مطابق به پاڳي رهجي ويندي.

حڪومت ان منصوبي ڪري صحت ۽ ماحول جي مد ۾ في فرد جي حساب سان اٽڪل 3469 ڊالر بچت ڪري سگهندي، ايبل انرجي ٽيڪنالاجيز (REPERT) جي نگراني هيٺ ڪيل تحقيقات ۾ به ظاهر ٿيا آهن.






پاڪستان ۾ گذريل ڏهاڪن دوران بجلي جي گهرج ۾ تمام گهڻو اضافو ٿيو آهي، هن وقت بجلي مهيا ڪرڻ وارا منصوبہ تقريباً 45 سيڪڙو تيل وسيلي پيدا ٿيندڙ بجلي حاصل ٿي رهي آهي جڏهن تہ 34 سيڪڙو قدرتي گئس ۽ رڳو 15 سيڪڙو پن بجلي (هائيڊل پاور) وسيلي ملي رهي آهي.

وڏي ڳالهہ اها آهي تہ اسان جي ملڪ ۾ الله تعاليٰ هوا جي رفتار وارو نظام تمام بهترين بڻايو آهي، جنهن وسيلي هوا بجلي پيدا ڪندڙ منصوبہ لڳائي سگهجن ٿا، انهن ٻنهي طريقن (شمسي توانائي، هوائي توانائي) وسيلي تمام گهڻي بجلي پيدا ڪري سگهجي ٿي، جيڪا اسان جي ايندڙ نسل جي ضرورتن کان بہ گهڻي هوندي.




سنڌ ۾ گهارو، ڪيٽي بندر ۽ حيدرآباد ونڊ ڪوري ڊور ۾ 22 ونڊمل ٿي ڪم هلي رهيو آهي، جنهن مان 1530 ميگاواٽ بجلي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت موجود آهي.

سنڌ ۾ تقريباً 9700 ڪلوميٽر واري علائقي ۾ ايتريقدر هوائي بجلي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت آهي جتان تقريباً 43000 ميگاواٽ بجلي پيدا ڪري سگهجي ٿي، جيڪا موجوده بجلي جي گهرج (21000 ميگاواٽ) کان بہ ٻيڻي آهي.

پاڪ چين اقتصادي راهداري (CPEC) توانائي منصوبي جي ماهرن اها ڳڻتي ظاهر ڪئي آهي تہ 2020ع تائين بجلي جي گهٽتائيءَ ۾ وڌيڪ 10844 ميگاواٽ جي گهٽتائي اچي سگهي ٿي. 2013ع کان وٺي 2020ع تائين واري عرصي ۾ بجلي جي گهرج ۾ تقريباً 7.8 سيڪڙو ساليانو جو ڪاٿو لڳايو ويو آهي. اندازي مطابق 2017ع تائين بجلي جي گهرج 27840 ميگاواٽ ٿيندي، جڏهن تہ 2020ع تائين بجلي جي گهرج 31900 ميگاواٽ تائين پهچي سگهي ٿي.

ان لاءِ اسان جي ملڪ کي گهرجي تہ متبادل ۽ موجود ذريعن تحت توانائي حاصل ڪرڻ وارن منصوبن ۾ سيڙپڪاري ڪري تہ جيئن ريجن ۾ ترقياتي صلاحيتن ۾ واڌ آڻي سگهجي. پاڪستان پنهنجي صلاحيتن، وسيلن ۽ ذريعن تحت زنده رهي سگهي ٿو، جيڪڏهن عوام چاهي تہ ملڪ متعلق بهتري وارا فيصلہ ڪري ايندڙ نسلن جي لاءِ محفوظ صحتمند بڻائي، ٻي صورت ۾ اسان جي قوم تاريخي طور تي ختم ٿي ويندي ۽ هڪ تهذيب ماحولياتي تباهي جو شڪار ٿيندي ۽ انهيءَ ڏبڻ مان نڪرڻ ۾ ناڪام ٿيندي.

اسان پنهنجو مستقبل آهيون، اسان پاڻ پنهنجي حفاظت ڪري سگهون ٿا يا پاڻ کي تباهہ ڪندا سين جيئن مشهور صوفي شاعر مولانا روميءَ چيو هو تہ "ياد رکو خانقاهہ ڏانهن وڃڻ وارو دروازو توهان جي اندر ۾ آهي" ان ڪري ان دروازي جي ڳولا ڪيو ۽ ان کي استعمال ڪيو.

## سنڌ جا هوادار علائقا

(پاڪستان ميٽرولوجيڪل ڊپارٽمينٽ ۽ سنڌ انرجي ڊپارٽمينٽ)

- ونڊ فارمن لاءِ سنڌ جا ٽوٽل موزون علائقہ = 9749 چورس ڪلوميٽر
- سنڌ ۾ انهن علائقن ۾ پڪيڙ جو تناسب = 25 سيڪڙو
- جڏهن علائقي جي پڪيڙ 25 سيڪڙو هجي تہ هڪ چورس ڪلوميٽر علائقي ۾ هوائي بجلي جي صلاحيت 18 ميگاواٽ جي ونڊ فارم جي بجلي 4.5 = 0.25 x 18 = ميگاواٽ
- 25 سيڪڙو پڪيڙ واري علائقي جي ڪل صلاحيت 43871 = 4.5 x 9749 ميگاواٽ
- مڪمل صلاحيت (علائقي جو 25 سيڪڙو)= 11000 ميگاواٽ
- سنڌو ونڊ لنگهہ جي صلاحيت مان اندازاً 60 هزار ميگاواٽ بجلي پيدا ڪرڻ جو ڪاٿو لڳايو ويو آهي

# بي آر ٽي اورينج لائن- حقيقتون ۽ خدشا

شهري رپورٽ

اورينج لائن ڪراچي جو سڀ کان ننڍو بس ريپڊ ٽرانسپورٽ (بي آر ٽي) روٽ آهي جيڪو بي آر ٽي نيٽ ورڪ جي ڪُل 196.2 ڪلو ميٽرن مان 4.7 ڪلوميٽرن تي مشتمل آهي، ان جو بنيادي مقصد اورنگي ٽائون جي آباديءَ کي مرڪزي گرين لائن بي آر ٽي راهداريءَ سان محفوظ ۽ اثرائتي ٽرانسپورٽ نظام تحت ملائڻ آهي.

**هڪ اندازي مطابق ان لائن وسيلي 50 هزار مسافر سفر ڪندا اهڙي طرح سان هڪ مهيني ۾ 15 لک مسافر سفر ڪندا.**

اورينج لائن بي آر ٽي جي منصوبي تحت هڪ ڪلاڪ اندر هڪڙي پاسي کان 10 هزار مسافرن واري سفر جي حيران ڪندڙ منصوبه بندي ڪئي وئي آهي، جيڪا مقامي ماڻهن جي موجوده ضرورتن کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ آهي، ان منصوبي کي ڪراچي جي مستقبل لاءِ ضرورتن تحت منظور ڪيو ويو آهي.

يونائيٽڊ ورلڊ سٽيز رپورٽ 2016ع ۾ ڪراچي جي علائقي اورنگي ٽائون کي دنيا جي سڀ کان وڏي ڪچي آبادي قرار ڏنو ويو آهي، جيڪا ڪيودادنزا (ميڪسيڪو) جي 12 لکن جي آبادي، ڌاراوي (هندوستان) جي 10 لک آبادي ۽ ڪائي لتشا (جنوبي آفريقا) جي 4 لکن جي آباديءَ کان گوءِ کنئي آهي.

اورنگي ٽائون جي آبادي تقريباً 24 لک ماڻهن تي مشتمل آهي **جيڪا قطر جي آباديءَ کان به وڌيڪ آهي، اورنگي ٽائون جي**




**آبادي اڃا ٽائين پاڻي ۽ سيوريج جهڙين بنيادي سهولتن کان وانجهيل آهي.**

شهري _ سي بي اي، اورينج بي آر ٽي لائن جي تعمير جي همٿ افزائي ڪري ٿي پر ماحوليات جي تحفظ واري اداري جي ڊائريڪٽر جنرل سنڌ کان ان منصوبي متعلق موجود خدشن کي ختم ڪرڻ لاءِ گذارش ڪري ٿي.

## تبصرا ۽ اعتراض

1. صوبائي بس کاتي پاران بس ريپڊ ٽرانسپورٽ ( بي آر ٽي) سسٽم کي متعارف ڪرائڻ جو فيصلو ڇو ڪيو ويو آهي؟ اهو منصوبو بلڊنگ ڪنٽرول، شهري ماسٽر پلاننگ سميت پاڻي ۽ سيوريج وارن منصوبن جيان مقامي حڪومتن جي اختيار هيٺ هجڻ وارو شعبو آهي، ان ڪري ڪيس ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن (ڪي ايم سي) جي ماتحت هجڻ گهرجي.
2. اورينج لائن بس وي انفراسٽرڪچر ترقيات اورينج لائن اسٽيشن ۽ جديد ٽرانسپورٽ سسٽم (لفتس، خودڪار ڏاڪڻ ۽ حفاظتي نظام وغيره) تحت هجڻ سميت



ٻين تعمير ٿيندڙ بي آر ٽي لائينن تحت هجڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ اهو سمورو نظام هڪ گڏيل سرشتي واري نظام تحت ڪم ڪندو.

3. اورينج لائن منصوبي جي سمورن جُزن کي تحفظ ڏيڻ لاءِ ترقي واري انفراسٽرڪچر لاءِ غير اعتراضي تصديق نامو (اين او سي) آهي؟ ايئن ناهي ڪيو ويو. شهري _ سي بي اي کي منصوبي جي هر هڪ حصي تي ڪيترائي اعتراض ۽ مشاهدا آهن. هر هڪ حصي جي لاءِ پيدا ٿيندڙ ماحول جي اثرن لاءِ جدا جدا رٿابندي بندي ڪرڻ گهرجي.

4. اورينج لائن روٽ سان لاڳاپيل علائقن سان رهندڙ ماڻهن کي سفري سهولتون پهچائڻ لاءِ ٻين بسن سان گڏجڻ لاءِ مڪمل طور تي نظام ترتيب ڏيڻ جي وضاحت بہ نہ ڪئي وئي آهي. مستقبل ۾ اچ وڃ واري نظام کي بهتر انداز ۾ متعارف ڪرائڻ جي سخت ضرورت آهي.

5. اهو تمام ضروري آهي تہ اورينج لائن روٽ سان لاڳاپيل علائقن ۾ برسات جي پاڻيءَ کي نيڪال ڪرڻ وارو نظام تعمير ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ بس جا رستا ۽ ان سان لاڳاپيل انفراسٽرڪچر، مشينري (لفٽس)، خودڪار ڏاڪڻيون، پليٽ فارم ۽ ٽڪيٽ جون مشينون) پاڻيءَ ۾ ٻڏي وينديون. ان مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ بس جي رستي کي ڊال ڏيڻ سان مسئلا حل نہ ٿيندا. ان مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ 43.16 ۾ واضح ڪيل طريقا بنهہ سادا آهن.

6. اهو محسوس ٿي رهيو آهي تہ بس جي رستن جي تعمير مڪمل هوندي. اُهي رستا عام ٽريفڪ (شايد رڳو بسن) جي استعمال جي لاءِ کوليا ويندا. ايسيٽائين بي آر ٽي بسن جي شروعات نہ ٿي سگهي هوندي.

7. تعمير دوران موجود روڊ ۽ ٽريفڪ نظام کي خراب ڪرڻ جي ڪنهن بہ صورت ۾ اجازت نہ هجڻ گهرجي جيئن گرين لائن راهداري جي تعمير دوران (مثال طور گرومندر جي ويجهو بزنس ريڪارڊ روڊ تي) معمول واري ٽريفڪ جي رواني سخت متاثر ٿي رهي آهي. ان سلسلي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هيٺ ڏنل قدم ضرور کڻڻ گهرجن.

الف: سمورا پٽر صحيح نموني سان کڻڻ گهرجن ۽ کوٽائي دوران نڪرندڙ مٽيءَ يا ملبي کي جلد هٽايو وڃي.

ب: سائيٽ تي رڳو ضروري سامان ۽ مشينري ئي هجڻ گهرجي.

ج: تعميراتي ڪم واري علائقي جي ٽريفڪ کي واضح طور تي قطار واري نظام تحت قائم رکڻ گهرجي ۽ ٽريفڪ رستي تي مٽي اڇلائڻ جي سخت پابندي هجڻ گهرجي.

د: رات جي پهر ۾ کوٽائي دوران پٽرن تي تنبيهہ واري روشني وارا نشان لڳائڻ گهرجن.

ر: بي آر ٽي منصوبي جي سموري تعميراتي مدي دوران ٽريفڪ پوليس ۽ ٻيا حڪومتي اهلڪار متبادل ٽريفڪ نظام لازمي طور تي ترتيب ڏين ۽ ان تي عمل ڪرائين.

س: کوٽائي دوران ماحول ۾ اڏندڙ دُز کي پاڻيءَ وسيلي ڇٽڪار ڪري دٻايو وڃي.

ص: اهم تعميراتي ڪم کي هفتيوار موڪلن سميت عام موڪلن وارن ڏينهن ۾ بہ برقرار رکيو وڃي.

شهري _ سي بي اي ماحول دوست ترقيات جي عالمي معيار مطابق ٿيندڙ انفراسٽرڪچر جي بهتريءَ جي حمايت ڪري ٿي.



# ڪراچي جي سامونڊي جيوت جي هنڌن کي بچايو

فرحان انور

انساني قدمن مثال طور زمين تي غير قانوني قبضا، آلودگي ۽ قدرتي ذريعن جي غيرقانوني پيداوار وغيره، پاڪستان جي سامونڊي جيوت جي هنڌن، خاص ڪري ڪراچي جي ڪوسٽل ايڪو سسٽم کي تباهہ ڪيو پيو وڃي.



هر سال 23 مئي تي ڪَڇُنِ جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويندو آهي. پاڪستان جا اڪثر ماڻهو اڃا تائين اهو نہ ٿا ڄاڻن تہ ڪراچي جي هاڪس بي ۽ سينڊز پٽ وارا علائقا سموري دنيا جي ساون ڪَڇُنِ جي آنا ڏيڻ وارا ٻہ اهم هنڌ قرار ڏنا ويا آهن.

ساون ڪَڇُنِ جي آنا ڏيڻ وارن هنڌن جي چوڌاري وارو وڏو علائقو سينڊز پٽ کان ڪيپ مونزي تائين پکيڙيل آهي جيڪو تقريباً 20 ڪلوميٽر ڊگهي وارياسي ٻيٽن ۽ مٿانهن هنڌن وارن علائقن تي مشتمل آهي، جيڪو مختلف سامونڊي حيات جي ميزبان علائقي جو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي.

ان کان سواءِ تمر جا گهاٽا ٻيلا ۽ ٻوٽن تي مشتمل غذائي خوراڪ سامونڊي حيات کي صحت مند بهتر غذا ۽ تحفظ ڏئي رهيا آهن. انهن علائقن ۾ ڪيترائي پاڻي وارا پکي نيرگ، دلدلي عقاب، غوطہ خور پکي، هنس پکي سميت ڪاراباز ۽ ٻيا پکي موجود آهن. پاڪستان ۾ ڪاڙي جو نظام سامونڊي ٻيٽن جي پکين جي لاءِ سردي توڙي گرمين تحت مواقف ماحول مهيا ڪري ٿو.

ڪراچي جي سامونڊي حيات جي ڏُٻڻ وارن هنڌن کي سموري دنيا ۾ پذيرائي حاصل آهي. ڏُٻڻ متعلق رامسر ڪنوينشن ۾ شريڪ ٿيندڙ ملڪن ۾ پاڪستان پڻ شامل آهي ۽ 1987ع ۾ ريجنيا (ڪئنيڊا) ۾ اختيار ڪيل معيار جي بنياد تحت ڪراچي جي ساحلي پٽيءَ کي مرڪزي دليل تحت خاص ڪري سينڊز پٽ ۽ هاڪس بي کي ڏُٻڻ وارن علائقن طور عالمي سڃاڻپ حاصل آهي. جڏهن اهي آبي حياتيات جي هنڌن واري لسٽ ۾ شامل ٿي رهيا هئا. ان وقت خاص ڪري ريجن تحت انهن علائقن کي ڏٻڻ وارن علائقن جو بهترين مثال قرار ڏنو ويو آهي. اهي علائقا يا آبي حياتياتي هنڌ ناياب، محفوظ ۽ جانورن توڙي ٻوٽن کي تحفظ ڏين ٿا ۽ ان سان گڏوگڏ 20 هزار مرغابين جي رهڻ جو هنڌ پڻ آهي ۽ ڪراچي جي ان سامونڊي پٽيءَ کي جانورن جي زندگين ۾ رهڻ وارن هنڌن کي خاص اهميت حاصل آهي.

1989ع ۾ ٻہ تحقيق ڪندڙن پڻ انهن سامونڊي ٻيٽن وارن ڏٻڻ جي علائقن کي وڌيڪ خطرن وارا علائقا قرار ڏنا هئا. انهن جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن بحالي وارا ڪم جلدي شروع نہ ڪيا ويا تہ سامونڊي ٻيٽن جي زندگين سان لاڳاپيل هنڌ ختم ٿي ويندا يا تمام وڏي ماحولياتي تبديلي جو شڪار بڻجي ويندا. هاڻي جڏهن حالتون وڌيڪ خراب ٿي رهيون آهن، تڏهن بہ ڪجهہ بچائي سگهجي ٿو.

افسوس ان ڳالهہ تي آهي تہ ڪراچي سان لاڳاپيل ڪوسٽل وارن هنڌن کي اڃا تائين محفوظ علائقا قرار نہ ڏنا ويا آهن، جنهن ڪري ان



جي بهتر تحفظ واري رستي ۾ رڪاوٽ پيدا ٿي رهي آهي.

ڪراچي جي سامونڊي پٽي تفريحي ترقياتي منصوبو (2000-1990) پهريون جامع منصوبو آهي جنهن ۾ شهر جي سامونڊي پٽيءَ سان لاڳاپيل علائقن کي خطري هيٺ آيل علائقن کي محفوظ علائقي جو درجو ڏيڻ جي صلاح ڏني وئي هئي، جنهن ۾ اشارو ڏنو ويو هو ته محفوظ درجو ڏيڻ تمام ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته علائقي ۾ جاري تعميراتي سرگرمين سان سامونڊي حياتيات وارن هنڌن تي خراب اثر پئجي رهيا آهن. ڪيل تحقيق ۾ ٽن علائقن کي محفوظ علائقن جو درجو ڏيڻ جي صلاح ڏني وئي هئي جنهن ۾ حب ندي جي نيڪال وارو علائقو (ڊيلٽا) ۽ ان سان لاڳاپيل سوناري جبل، سينڊزپٽ جو بيٽ ۽ ڪريڪ مينگروز ايڪو سسٽم شامل آهي.

اُن بعد ڪراچي بلڊنگ ۽ ٽائون پلاننگ ريگيوليشنز 2002ع پاران ان منصوبي مان سامونڊي تحفظ وارين سفارش ڪي واپس ڪيو ويو ۽ ڪراچي جي 40 ميلن جي سامونڊي پٽي (جب ندي جي نيڪال واري علائقي کان گهارو ڪريڪ تائين) کي تفريح ۽ سياحت جي لاءِ هڪ عارضي علائقي جي حيثيت ڏني وئي.

هاڻي اها وقت جي ضرورت آهي ته ان سامونڊي حيات سان لاڳاپيل دستاويزن ۽ معاهدن تي نظرثاني ڪئي وڃي ۽ ان علائقي کي محفوظ علائقي جو درجو ڏنو وڃي تڏهن ئي اهو علائقو جهنگلي ۽ آبي حيات لاءِ پناهه گاهه بڻجي سگهندو ۽ بعد ۾ ان کي عالمي طور تي تسليم ٿيل هنڌ جو درجو حاصل ٿيندو. هاڻي به جيڪڏهن عقل کان ڪم وٺندي سياسي همت ۽ شعور جو مظاهرو ڪيون ته ڪراچي جي سامونڊي پٽي واري هنڌ کي رامسر علائقي جهڙو درجو ڏيارڻ لاءِ هڪ مضبوط ڪيس ٺوس دليلن جي بنياد تحت وڙهي سگهجي ٿو.



# ڪراچي_شهري صحت ۽ خير خواهي

شهري رپورٽ




مستحڪم ترقياتي حدف.

سٺي صحت ۽ خير خواهيءَ ڪي انساني ترقيءَ جي بنيادي اشارن تحت پيش ڪي سگهي ٿو. اهي حدف صحتمند طرز زندگي، جنهن ۾ مستحڪم شهر ۽ ڪميونٽي جو نظريو شامل آهي، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻيا 16 حدف شامل آهن.

محدود ۽ ذهانت سان توانائي جو استعمال ڪرڻ بهترين ماحولياتي عمل آهي جنهن کي استعمال ڪندي اسان پنهنجي ماحول تي پونڊڙ خراب اثرن کي گهٽائي سگهون ٿا.

ناسا جي نقشي ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته فصلن جي گند کي ساڙڻ سان لاهور ۽ دهلي ۾ خطرناڪ ڌُنڌ (Smog) ڇائنجي ويندو آهي جيڪڏهن زرعي گند کي صحيح طريقي مطابق صاف نه ڪيو ويو ته مستقبل ۾ پاڪستان ۽ هندوستان ۾ ڌنڌ واري موسم مستقل ٿي سگهي ٿي_(2016).

شهري زندگي جو محافظ _ هي وڻ توهان جي لاءِ اندروني آلودگي کي صاف ڪندا. توهان ان قدرتي طور تي هوا کي صاف ڪرڻ واري




مشينري وسيلي پنهنجي گهر ۽ آفيس ۾ صحتمند زندگي گهاري سگهو ٿا. ٻاهرين هوا اڪثر ڪري توهان جي وس کان ٻاهر هوندي آهي، گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي گهر جي اندر واري هوا کي بهتر بڻايو.

ان سان گڏوگڏ سائنسدان نئين ماحول دوست تعميراتي طريقن کي هٿي وٺرائي رهيا آهن. مثال طور روڊن ۽ فوٽ پاٿن تي ٽيٽانيم آڪسائيڊ جي لاٿڻ شامل ڪئي وڃي ٿي، هي هڪ اهڙو مرڪب آهي جيڪو هوا جي آلودگيءَ کي گهٽ ڪري ٿو. ايڊوون يونيورسٽي آف ٽيڪنالوجي جي ڊچ سائنسدانن پاران "فوٽو ڪيٽالٽڪ فوٽ پاٿ" تيار ڪرڻ جو طريقو ڳولهي ورتو آهي، جيڪو بهترين حالت ۾ 45 سيڪڙو ڌُنڌ کي ختم ڪري ٿو جڏهن ته سموري ڏينهن ۾ 19 سيڪڙو ڌنڌ کي گهٽ ڪري ٿو. هي فوٽ پاٿ سان لاڳاپيل هوا مان نقصانڪار نائيٽروجن آڪسائيڊ کي ڪڍي صاف ڪري ٿو ۽ ان کي گهٽ خطرناڪ ڪيميڪل مثال طور نائيٽريٽس ۾ تبديل ڪري ٿو. تحقيق ڪندڙ ٽيم پاران پنهنجي تحقيق "جنرل آف هزار ڊس مٽيريل" کي جون واري شماري ۾ شايع ڪئي آهي.

يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنولوجي پيروءَ پاران هڪ اهڙي قسم جو بل بورڊ تيار ڪيو ويو




آهي جنهن سان روزانو هڪ لک ڪيوبڪ ميٽر هوا کي صاف ڪيو پيو وڃي، ان کي ليما جي سڀ کان وڏيڪ آلودگي واري علائقي ۾ قائم ڪيو ويو آهي. هي بل بورڊ واٽر بيس ٽيڪنولوجي سان ليس ٽيل آهي جيڪو بيڪٽريا ۽ گند کي صاف ڪري ٿو.

ڪراچي جي بل بورڊ کي جنت جهڙي ٽيڪنولوجيءَ وارو تصور ڪيو. اشتهار ڏيندڙ شهري صحتمند ماحول لاءِ همدردي ڪندي ادائيگيون ڪندا.

دنيا جا سمورا وڏا شهر پنهنجي غذائي ضرورتن جي پورائي لاءِ ڳوناٺي غذائي پيداوار تي ياڙين ٿا. شهرن جي تيزيءَ سان وڌندڙ آباديءَ کي نظر ۾ رکندي غذائي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۾ ماحول جي آلودگي کي گهٽائڻ جي لاءِ شهرن ۾ سبزيون پوکڻ هڪ بهترين حل آهي.

ڪنزرويشن لاءِ فائونڊيشن جي رپورٽ ”بوسٽن شهر ۾ شهري زراعت کي درپيش رڪاوٽون ۽ موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ سبزيون پوکيوا“. ۾ انڪشاف ڪيو ويو آهي ته رڳو 150 ايڪڙ ايراضيءَ تي پوکيل زراعت 3600 شهري ماڻهن جي غذائي ضرورتن جي پورائي لاءِ گهڻي آهي ۽ فضا ۾ ساليانو 4700 ٽن ڪاربن ڊاءِ آڪسائيڊ گهٽجي سگهي ٿي. ان نظريي تحت پاڪستان جي وڏن شهرن مثال طور ڪراچي، لاهور ۽ ڪوئٽا ۾ غذائي استحڪام ڏانهن قدم وڌائيندي عمل ڪري سگهي ٿو.




Urban Heat Islands are caused by trapped heat within the concrete jungles inhabiting us. Vegetation can help reduce heat in the surroundings. If we do not want another heat wave to claim hundreds of lives in Karachi, we need to plant more trees and that too, soon.

# هوبارا جمهوريا

آخرڪار ڇو سمورا رياستي ادارا لڏپلاڻ ڪندڙن معصوم ۽ نقصان نه پهچائيندڙ پکين هوابارا جو تحفظ ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيا آهن؟

نعيم صادق

مستقبل لاءِ تحقيق ڪندڙن کي اهو سمجهڻ ۾ ڏکيائيون پيش اينديون ته ڪيئن نندن معصوم نقصان نه پهچائيندڙ ۽ لڏپلاڻ ڪندڙ پکي ملڪ جي آئيڊيولوجي، پرڏيهي پاليسي، لاقانونيت، خودداري جي نقصان، آئيني خلاف ورزين، جانورن سان بي رحمي ۽ ماحولياتي نظام جي بگاڙ جو نمونو بڻجي ويو آهي، انهن جي تحفظ ڪرڻ ۾ تمام گهڻو ناڪام ٿيا آهن، جيتوڻيڪ اسان مڪمل سچائيءَ سان ان جي تهه تائين پهچڻ لاءِ ڪڏهن به ان قابل نه بڻجي سگهنداسين. پر اسان انهن حقيقتن کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪري سگهون ٿا جنهن ڪري اسان جو ملڪ هوبارا جمهوريه جي شڪل ۾ اچي سگهي.



مشرف وسطيٰ جا شهزادا سائنسي ميدان ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ مشهور ناهن پر انهن راند جا به نوان طريقا متعارف ڪرايا آهن. جنهن سان جانورن، پکين ۽ ٻارڙن سان بي رحماڻو سلوڪ ٿي رهيو آهي. هڪ راند جو طريقو اُٺن جي ڊوڙ سان لاڳاپيل آهي جنهن ۾ 5 کان 6 سالن جي معصوم ٻارڙن کي اُٺن جي پٺيءَ تي ٻڌو ويندو آهي. ٻئي راند واري طريقي مطابق بازو سيلي لڏپلاڻ ڪندڙ پکين "هوابارا" جو شڪار ڪرڻ آهي، مشرف وسطيٰ جي شهزادن اهو مڃيو آهي ته هوابارا جو گوشت قوت باهه ۾ اضافو آڻي ٿو. بدقسمتيءَ سان اهي ٻئي شيون (غريب ۽ لاچار ٻارڙا ۽ خوبصورت هوابارا) ويجهڙائي وارن ملڪن ۾ سولائيءَ سان موجود آهن. ڪيترن ئي سالن کان شاهي عرب شڪاري هوابارا جي ڳولها ۾ پاڪستان جي ڏورانهن علائقن جو سفر ڪري رهيا آهن پر هتي اهو اندازو نه ٿو لڳائي سگهجي ته انهن عرب شڪارين جي هٿان هر سال ڪيترائي لڏپلاڻ ڪندڙ پکي شڪار ٿين ٿا. هڪ اندازي مطابق هر سال 30 کان 40 هزار پکي انهن عرب شڪارين جي شڪار جو نشانو بڻجن ٿا. ڪنهن به پاڪستاني آفيسر ۾ ايتري همت ناهي ته شڪار ٿيندڙ پکين جي ڳڻپ ڪري سگهي. رڳو چاغي سان لاڳاپيل جهنگلي ڪاتي ۽ جهنگلي حيات بلوچستان جي ڊويزنل فاريسٽ آفيسر جعفر بلوچ همت ڪري رپورٽ ڏني آهي ته رڳو هڪڙي عرب شهزادي 22 ڏينهن جي دوري دوران 2100 هوابارا پکين



جو شڪار ڪيو، عرب شهزادو شڪار ڪندو هيو ۽ انسپيڪٽر ڪي خاموشي تحت رڳو آفيس جي ڪمن حوالي ڪيو ويو.

شڪار لاءِ اجازت ناما حاصل ڪرڻ لاءِ قانون ٽوڙ رستا ڳولهيا پيا وڃن، پرڏيهي وزير ڪي وزيراعظم پاران اشارو ڏنو ويندو آهي ان بعد لاڳاپيل سفارتخاني ڏانهن هڪ خط موڪليو ويندو آهي جنهن ۾ علائقن جي نشاندهي ٿيل هوندي آهي ۽ ضابطا ۽ اصول واضح ڪيا ويندا آهن، پر حقيقت اها آهي ته پرڏيهي کاتي کي اهو اختيار حاصل ناهي ته اهو اجازت ناما، اصول ۽ ضابطا جاري ڪري سگهي، سپريم ڪورٽ جي جج جسٽس قاضي فائز عيسيٰ هوابارا شڪار جي نظرثاني پٽيشن ۾ پنهنجو اختلافي نوٽ لڳائيندي پرڏيهي کاتي جي رويي تي تبصرو ڪندي لکيو ته ”مون ان جو غور سان جائزو ورتو آهي، هي هڪ تمام گهڻو ڳڻتي جوڳو معاملو آهي ته پرڏيهي وزارت ايڪٽ جي خلاف ورزي ڪري رهي آهي، جڏهن ته هي هڪ وفاقي قانون هجڻ سان گڏوگڏ ٽنهي صوبن جي جهنگلي جيوت جو قانون به آهي“.

پاڪستان جي آئين ۾ ڪليل نموني سان اعلان ڪيو ويو آهي ته ”قانون جي نظر ۾ سمورا شهري برابر آهن“، پر رياست پنهنجي رويي وسيلي ان ڳالهه جو ڪليل نموني سان اظهار ڪري ٿي ته اها خود پنهنجي آئين تي يقين نه ٿي ڪري، جيڪڏهن سمورن پاڪستانين لاءِ انهن معصوم پکين جو شڪار غير قانوني آهي ته پوءِ انهن عرب شيخن کي شڪار جي اجازت ڇو ٿي ڏني وڃي، حڪمرانن سميت ڪو به شخص قانون کان مٿانهون ناهي جڏهن ته پاڪستان جو آئين ان اصول تي قائم آهي، پر پاڪستان ۾ اهڙو ڪو به ادارو موجود ناهي جيڪو رياست جي بااثر ۽ عام عوام جي وچ ۾ پيش ايندڙ فرق واري رويي کي روڪي سگهي. هي رياست پاران زوري ٿاقيل آهي، جيڪو سڀ کان وڏو نقصان آهي.

هر سال پکين جي ان غيرقانوني ۽ غير اخلاقي قتل عام جو ٻيو خطرناڪ رخ اهو آهي ته اهي عرب شهزادا پکين جي قتل عام کان پوءِ غير رجسٽرڊ ۽ بغير ٽيڪس ادا ڪيل گاڏين ۽ غير ملڪي نمبر پليٽن واريون بي شمار گاڏيون مقامي ميزبانن ۽ سرڪاري اهلڪارن لاءِ رشوت طور تحفي تحت ڇڏي ويندا آهن، حڪومت، سرڪاري اهلڪارن ۽ مقامي سهولتڪارن پاران انهن عرب شهزادن جي شين کي لالچ ۾ اچي حاصل ڪرڻ سان هوابارا جي تحفظ کي سخت نقصان رسي ٿو، تحفي ۾ ڏنل هزارين اهڙيون گاڏيون مقامي ماڻهن وٽ اچڻ کانپوءِ اهي فخر سان ملڪ جي روڊن تي بغير ٽيڪس ادا ڪرڻ ۽ غير ملڪي نمبر پليٽ



تبديل ڪرڻ بنا وڏي دليريءَ سان گاڏيون هلائي رهيا آهن، جڏهن ته پوليس وارن کي انهن گاڏين کي چيڪ ڪرڻ جي همت ناهي هوندي.

پاڪستان پنهنجي قانون سان گڏوگڏ عالمي قانونن ۽ معاهدن تي عمل ڪرڻ جو پابند آهي، مثال طور جهنگلي جيوت ٻوٽن ۽ جانورن جي عالمي وڪري (CITES) ڪنوينشن ۽ جهنگلي جانورن جي لڏپلاڻ (CMS) ڪنوينشن تحت قراردادن ۽ عالمي قانونن سميت ڪنوينشنز تي عمل ڪندي پاڪستان کي هوابارا پکين جي آباديءَ کي نقصان کان بچائڻ جو تحفظ ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي بحالي لاءِ قدم کڻڻ گهرجن. بدقسمتيءَ سان پاڪستان ائين ڪرڻ ۾ نه رڳو ناڪام ثابت ٿيو آهي پر ان جي تباهيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار رهيو آهي، اهي نه رڳو عدالتن لاءِ سنجيده نوعيت وارا معاملا آهن، پر




پاڪستاني قوم جي اجتماعي ضمير جي لاءِ پڻ ڪُٺتي جوڳا آهن.

ڇا پاڪستان جو عوام پنهنجي ملڪ جي حڪمرانن جي خلاف آواز اٿاريندو ته عربن ۽ هوابارا ٻنهي جي لاءِ خودداري ۽ قانون تي عمل وارو رويو اسان جي قومي وقار ۾ اضافو ڪندو، اهڙا ملڪ جيڪو هوابارا جي قتل عام کي پنهنجي پرڏيهي پاليسي جو بنيادي ٿنيو هجڻ جو اعلان ڪن ٿا، انهن جي ڪو به عزت نه ٿو ڪري ۽ نه ئي عقلمند قومن جيان انهن تي ڀروسو ڪري سگهجي ٿو، شايد علامه اقبال جڏهن هينيون شعر لکي رهيو هو ته ان جي ذهن ۾ به اهو ئي ڪجهه هوندو:

*جو شاخ نازک په آشيانه بنے گا،*
*ناپائيدار ہو گا*



# ڪراچي ۾ پاڻي جو بحران

شهري رپورٽ

سپريم ڪورٽ آف پاڪستان (ڪراچي بئنچ) جي 8 سيپٽمبر 2016ع جي جاري ٿيل حڪم مطابق ڪراچي واٽر ۽ سيوريج بورڊ پاران 11 هائيڊرنٽ بند ڪرايا ويا آهن ۽ 6 هائيڊ يونٽن جي لاءِ نئين سر ٽينڊر گهرايا ويا آهن. جيڪي ڪراچي جي هر هڪ ضلعي ۾ ڪم ڪندا.

شهري _ سي بي اي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ 2012ع کان پاڻي جي بحران سان لاڳاپيل عدالتي ڪيس CP2884/2010 جي لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي ۽ صوبائي اسيمبلي جو ميمبر سيد حفيظ الدين سپريم ڪورٽ ۾ داخل ان ڪيس جي مدد ڪري رهيو آهي 8 سيپٽمبر 2016ع جي آيل فيصلي تحت ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ کي نون ٽينڊر گهرائڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو آهي، وڌيڪ اهو ته شهري _ سي بي اي ممڪن مسئلن جهڙوڪ اثرائتي ۽ شفاف ٽينڊرن جي جاري ٿيڻ جي سلسلي ۾ ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ سان گڏ رابطي ۾ آهي.

سپريم ڪورٽ جي ان حڪم جي روشنيءَ ۾ شهري _ سي بي اي پاران پاڻي جي کوٽ وارن علائقن ۾ پاڻي جهڙي بنيادي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ چونڊيل نمائندن، عوام ۽ سهولتون فراهم ڪندڙ (ڪي ڊبليو ايس بي جا اهلڪار، گهٽو پاڻي فراهم ڪرڻ وارن ۽ ٽينڪر ڪمپنين) وچ ۾ پيدا ٿيل خال کي پرڻ لاءِ پل ڪردار ادا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

پهرين صلاح ڪچهري 11 نومبر 2016ع تي گنج جبل تي منعقد ڪئي وئي، علائقي جي ماڻهن کي پاڻي جي کوٽ جي سببن ۽ ان جي اثرن جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ ڪرسچن ڪالوني ڪميونٽي سينٽر ۾ سڏايو ويو هو. صلاح مصلحت دوران اها خطرناڪ حقيقت سامهون آئي ته ڪيترن ئي غيرقانوني ڪنيڪشن جي ڪري سپلاءِ واري لائن ۾ گندو ۽ سيوريج وارو پاڻي،



CURRENT WATER SUPPLY SYSTEM OF KARACHI

# پاڪستان ۾ هٿيارن کان پاڪ معاشرو

شهري رپورٽ

"ڪراچي کي سمورن هٿيارن کان آجو ڪيو وڃي ان لاءِ ڪرفيو جهڙا قدم کڻڻ جي ضرورت پوي ته اهي به کنيا وڃن." سپريم ڪورٽ جو حڪم 2013ع.



حڪومت وٽ ان تي عمل ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو به رستو ناهي يا گهٽ ۾ گهٽ اهو ظاهر ڪري ته اها ان تي عمل ڪري رهي آهي. ان اميد جي برخلاف حڪومت پاران ٻيو رستو اختيار ڪيو ويو. ڪنهن نظريي، منصوبي، مقصد، ذريعي يا طريقيڪار کان بغير بيمار سوچ پٽاندڙ بي شمار اخباري اشتهار جاري ڪيا ويا. ٻن هفتن (مقرر ٽيل مدي) ۾ ٽي ڪروڙ رپيا ضايع ڪرڻ بعد رڳو 12 هٿيار جمع ڪرايا ويا اسان جي يادگيري مطابق پاڪستان ۾ اهو هٿيار هٽ ڪرڻ جو آخري پروگرام هو.

2015ع ۾ شهري- سي بي اي پاران پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن، هٿيارن جي خلاف شهري (CAW)، سي پي ايل سي، ڏوهارين خلاف شهرين جي ٽرسٽ (CTAC) ۽ پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ليبر ايجوڪيشن اينڊ ريسرچ سان هٿ هٿ ۾ ملائي حڪومت تي زور پريو ته اها سپريم ڪورٽ جو حڪم نافذ ڪندي پاڪستان کي هٿيارن کان پاڪ ڪري.

تازو CAP (هٿيارن خلاف شهري) پاران 27 نومبر 2016ع تي ڪراچي ۾ "واڪ اي ڪاز" جو اهتمام ڪيو ويو ۽ مطالبو ڪيو ويو ته پاڪستان ۾ موجود هڪ ڪروڙ 20 لک هٿيارن کي ختم ڪيو وڃي. مارچ سي ويو کان شروع ڪيو ويو (ميڪڊونلڊ ريسٽورنٽ جي سامهون، چنڪي منڪي ۽ پري ٽائين) ۽ مطالبو ڪيو ويو ته ڪنهن به شهري چاهي ان جو مقام ڪيترو به وڏو هجي انهن کي ڪنهن به قسم جي هٿيار رکڻ بشمول لائسنس، ان کي ڪٽي گهمڻ سميت نمائش ڪرڻ جي اجازت نه هجڻ گهرجي.

شهرين مطالبو ڪيو ته پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 256 مطابق سمورين نجي مليشيا تي پابندي لڳائي وڃي.

ان احتجاجي مارچ ۾ زندگي سان لاڳاپيل سمورن شعبن جي مشهور شخصيتن حصو ورتو انهن ۾ نعيم صادق، پرويز هود ڀائي، وسيم اڪرم، جهان آرا، عارف بلگرامي، برناڊٽ ڊين، دانش آذر زوبي، مختيار احمد علي، ماهره عمير، امينه جيلاني ۽ شهزاد راءِ وغيره شامل هئا.

اسان جي اها مهم ايسيتائين جاري رهندي جيسيتائين پاڪستان هٿيارن کان پاڪ نه ٿيندو.



# معلومات جي آزادي _ شفافيت ۽ بهتر حڪمراني جي ضمانت

شهري_ سي بي اي پاران منعقد ڪيل معلومات جي آزادي ۾ عورتن سان گڏ سيشن

شهري رپورٽ

شهري- سي بي اي شفافيت ۽ احتسابي عمل جي جهنڊي هيٺ شهرين جو هڪ آواز جي عنوان هيٺ مقامي هوٽل ۾ "معلومات جي آزادي" تي عورتن جي لاءِ مهارت پيدا ڪرڻ جي لاءِ هڪ سيشن جو اهتمام ڪيو ويو.

معلومات جي آزادي جي پروجيڪٽ مئنيجر ڊاڪٽر سيد رضا علي گرديزي پاران شريڪ ماڻهن جي پليڪار ڪئي ۽ ورڪشاپ جي مقصدن بابت آگاهي ڏني، هن حڪومت جي انتظامي ڪمن ۾ شفافيت جي حمايت وسيلي سٺي حڪمراني جي سهولت فراهم ڪرڻ ۾ شهري _ سي بي اي جي بهترين ڪردار کي همٿايو، هن چيو ته شهري _ سي بي اي پاران شهرين کي آئين تحت مليل حقن جي حفاظت جي لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي.

ڊاڪٽر سيد رضا علي گرديزي معلومات جي آزاديءَ تي مڪمل روشني وڌي ۽ چيو ته رڳو آئين جي آرٽيڪل 19-A تحت ئي شهرين کي اهو اختيار حاصل آهي ته اهي حڪومت کي صاف شفاف احتسابي عمل تي مجبور ڪري سگهن. آزادي معلومات جي وڌيڪ وضاحت ڪندي ان کي سج جي روشنيءَ سان ڀيٽ ڏني، هن وڌيڪ چيو ته معلومات جي آزادي پڻ سمورين حڪومتي خرابين جي خاتمي لاءِ بهترين علاج آهي.

ان ڪانپوءِ ريسرچ آفيسر مسز صائمه عديل پاران مختلف حالتن ۾ آزاديءَ جي معلومات جي قانون نافذ ٿيڻ جي وضاحت ڪئي، مثال طور حڪومت جي ڪهڙي اداري جو مواد ۽ معلومات حاصل ڪئي پئي وڃي ۽ ڪهڙي قسم جي معلومات حاصل ڪري سگهجي ٿي ۽ حڪومت ڪهڙي قسم جي معلومات ۽ ريڪارڊ ظاهر ڪرڻ کان آجي آهي.

ورڪشاپ ۾ شريڪ ٿيل




ماڻهن کي معلومات جي آزاديءَ متعلق هڪ دستاويزي فلم پڻ ڏيکاري وئي، ان بعد سيده حمنه مهوش قادري پاران هڪ تربيتي مرحلي جو آغاز ڪيو ته معلومات جي آزادي متعلق درخواست ڪيئن لکي وڃي؟

هن معلومات جي آزادي جي لاءِ درخواست لکڻ لاءِ ضروري سببن جي نشاندهي ڪئي ۽ ان جو عملي طور تي مظاهرو ڪرڻ لاءِ شريڪ ماڻهن کان معلومات جي آزاديءَ متعلق درخواست لکرائڻ جي مشق ڪرائي، بعد ۾ انهن لکيل سمورين درخواستن کي چيڪ ڪيو ويو.

ورڪشاپ جي آخر ۾ شريڪ ماڻهن سان گڏيل سوالن ۽ جوابن جو سلسلو پڻ شروع ڪيو ويو.



# جمهوري پوليس ڪاري متعلق پاڪستاني فورم (2011-2016)

شهري رپورٽ

سنڌ ۾ اڃا تائين پراڻي نظام جو ”پوليس ايڪٽ 1861ع“ نافذ ٿيل آهي جڏهن ته ملڪ جي ٻين صوبن ۾ پوليس ايڪٽ 2002ع نافز ٿي چڪو آهي.

پوليس جي جديد طريقن ۽ نظام کي اختيار ڪرڻ جي سلسلي ۾ پاڪستان دنيا جي ٻين ملڪن کان تمام گهٽو پوئتي آهي، هن وقت سنڌ ۾ پراڻي دور جو قانون ”پوليس ايڪٽ 1861ع“ نافذ آهي جڏهن ته ملڪ جي باقي ٽنهي صوبن ۽ وفاق جي ڪنٽرول هيٺ علائقن ۾ پوليس ايڪٽ 2002ع نافذ ٿي چڪو آهي.

پوليس ۾ سڌارن جي اهميت کي محسوس ڪندي سموري پاڪستان جون تنظيمون گڏجي ويون ۽ 2011ع ۾ ”جمهوري پوليس ڪاري جي متعلق پاڪستان فورم قائم ڪيو ويو.

فورم جو افتتاح هڪ شاندار منعقد تقريب ۾ ڪيو ويو جنهن کي منعقد ڪرائڻ لاءِ روزان، شهري _ سي بي اي، سينٽر فار پيس اينڊ ڊولپمينٽ، عورت فائونڊيشن، انڊ ويزول لينڊ، شرڪت گاهہ، هيومن رائيٽس ڪميشن آف پاڪستان، ٻارڙن جي حقن جي تنظيم ۽ اسٽرينٿنڪ پارٽيسپيٽري آرگنائيزيشن تنظيمن پنهنجو ڪردار ادا ڪيو.

انهن جي ايجنڊي ۾ قومي ۽ صوبائي طور تي آئيني بنياد تيار ڪرڻ آهي، جنهن وسيلي پوليس کاتي کي جمهوريت پٽانڊڙ بڻائي سگهجي ته جيئن پوليس جي ڪارڪردگي کي بهتر بڻائي سگهجي ۽ احتسابي عمل جي همٿ افزائي ٿي سگهي.

فورم جي نئين تنظيم پاران پوليس ڪاري جي نظام ۾ اقربا پروري ۽ سياست جي پاڙ پٽڻ لاءِ ميڊيا، عدالتن، تعليم ۽ پوليس جي نمائندن سان گڏجي ڪم ڪرڻ کي حدف بڻايو آهي.



روزان جي ايگزيڪيٽو ڊائريڪٽر بابر شبير پاران فورم جي بينادي نظريي تي روشني وڌي جيڪا پاليسي ڳالهين جي تنظيم، پوليس سڌارن جي متعلق فني مدد جي ورهاست، پوليس سڌارن جي لاءِ حمايت حاصل ڪرڻ لاڳاپيل گروپن سان گڏ پائيچارو قائم ڪرڻ تي مشتمل آهي، هن خاص ڪري پوليس ڪاري جي رستي ۾ رڪاوٽن ۽ ضرورتن جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ باقاعده تحقيق ۽ تجزئي زور ڏنو.

شهري _ سي بي اي جي ميمبر خطيب احمد پاران فورم جي نمائندگي ڪئي، هن اجلاس ۾ تقرير ڪندي چيو ته ”اثرائتي، قابل ۽ عوام دوست پوليس بهتر انداز ۾ شهرين کي تحفظ ڏيڻ وارن حقن جي حفاظت ڪري سگهي ٿي.

ورڪنگ گروپ پاران پاڪستان ۾ پوليس جي شعبي ۾ سڌارن جي لاءِ هڪ چارٽر آف ڊمانڊ پڻ پيش ڪيو، گروپ پاران انتظامي ۽ مالياتي ذميواري، احتساب، نگراني ۽ ڪارڪردگي جي ارتقا، پوليس جي شعبن ۾ عورتن جي شموليت ۽ پوليس جي ڪردار سازي جي ضرورتن تي بحث ڪيو ويو، جدوجهد اڃا تائين جاري رهندي.

# شهري - بهتر ماحول لاءِ شهري

## تعارف

شهري-سي بي اي (شهري بهتر ماحول لاءِ شهري) كراچي ۾ قائم هك رضاكاراڻ تائيدي گروهه آهي جنهن كي حساس ۽ همدرد شهرين 1988ع ۾ قدرتي ماحول جي تباهي ۽ كيس ٻيهر تعمير كرڻ جي متعلق پنهنجا خدشا اجاگر كرڻ لاءِ قائم كيو هو.

شهري غير قانوني تعميرات، درجه بندي جي خلاف ورزين ۽ ان سان لاڳاپيل علامتون مثال طور گندي پاڻي جي نيكالي، ناجائز اڏاوتن، پاركنگ ۽ انفرااسٽركچر سان نمٽڻ تي خصوصي زور ڏئي ٿو. شهري-سي بي اي باقاعده ادارن ۽ حكومتي ايجنسين جي نگراني كري ٿو ۽ سول سوسائٽي جي ائين ئي كرڻ لاءِ حوصله افزائي كري ٿو.

## كاميابيون

سنڌ سينئر سٽيزن ويلفيئر بل 2014 جي منظوري، كلفٽن روڊ جا اعلان كيل روڊ ويكرا كرڻ جي جڳهه تي گلاس ٽاور جي غير قانوني اڏاوتن جو انهدام.

منگهوپير روڊ تي گٽر باغيچي جي 480 ايكڙ ايراضي جو تحفظ. هي لياري جي گهٽ آمدني واري گنجان آباد علائقي جي جنهن ۾ تقريبن 10 لک ماڻهو رهائش پزير آهن سيني كان وڏي كلي تفريحي جڳهه آهي.

كراچي كو-آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي يونين ۾ كڊني هل پارك جي 62 ايكڙ ايراضي بشمول كي ڊبليو ايس بي جي اعلان كيل تنصيبات جي 18 ايكڙ ايراضي جو تحفظ.

كراچي بلڊنگ كنٽرول اٿارٽي (كي بي سي اي) جي نگران كميٽي ۽ هك عوامي معلوماتي كائونٽر جو قيام.

كراچي ۽ سنڌ ۾ كراچي ٽرانسپورٽ كارپوريشن جي 11 ۽ سنڌ روڊ ٽرانسپورٽ كارپوريشن جي 15 بس ڊپوئن جي كمرشلائزيشن ۽ وكري كي روكرائڻ. اڄ كلهه هي پلاٽ سٽي ڊسٽركٽ گورنمينٽ كراچي بين الشهر بسن جي اڏن ۽ ٽرانسپورٽ سان لاڳاپيل ٻين سرگرمين لاءِ استعمال كري رهي آهي.

لائنز ايريا كراچي ۾ راند جا ميدان (ميكرو) ويب گرائونڊ جو تحفظ.

باغ ابنِ قاسم كلفٽن جي رفاهي پلاٽ ۾ كوسٽالينا اپارٽمينٽ جي ڍانچي كي ڊاهڻ. سٽي ڊسٽركٽ گورنمينٽ كراچي هاڻ هتي هك پارك ٺاهي ڇڏيو آهي.

لاهور ۾ ڊونگي گرائونڊ پارك/راند جي ميدان جي كمرشلائزيشن جي روكٿام.

لاهور بچاءُ تحريك جي هك حصي طور تي كينال بينك توسيع منصوبي سان ٿيڻ واري نقصان جي مقدار كي گهٽ كرڻ.

كوئٽه ۾ زلزلي جي جهٽكي كان بچاءُ جي تعميراتي قانون جي ٻيهر توثيق.

شهري-پوليس گڏيل عمل ۾ شركت، انساني حقن جي خلاف ورزين ۽ پوليس اصلاحن تي سموري پاكستان مان تقريبن 1600 پوليس اهلكارن جي تربيت.

گذريل سالن ۾ مسلمه ماحولياتي خلاف ورزين سان لاڳاپيل مقدمن ۾ شهري جي ماهراڻه خدمتن كي اعليٰ عدالتن تسليم كيو آهي ۽ اُن كي (aimicus curiae) ”عدالت جو دوست“ جي خطاب سان نوازيو آهي.

## هدف/مقصد

هك آگاهه ۽ باعمل سول سوسائٽي، سٺي حكمراني، شفافيت ۽ قانون جي حكمراني جو قيام.

سركاري پاليسين جي اثر ۽ انهن تي تحقيق، دستاويزي بنائڻ ۽ مكالمه كرڻ كي واڌارو ڏيڻ.

هك موثر ۽ نمائنده مقامي حكومت جي نظام كي مستحكم كرڻ.

كراچي شهر لاءِ هك نمائنده ماسٽر پلان/زوننگ پلان جي تياري ۽ انهن تي موثر عملدرآمد.

معاشري ۾ بنيادي انساني حقن جي پابندي.

## شهري كيئن كم كري ٿو؟

هك رضاكاراڻه انتظامي كميٽي جنهن كي جنرل باڊي ذريعي هك ٻه ساله مدي لاءِ چونڊيو ويندو آهي، جيكو كليل ۽ جمهوري اصولن تي انتظامي كمن كي انجام ڏيئي ٿي. ركنيت (ميمبرشپ) هر خاص ۽ عام لاءِ كليل آهن جيكي شهري جي هدفن ۽ اغراض ۽ مقصدن ۽ يادداشت (ميمورينڊم) سان متفق آهن.

### شهري لاءِ رضاكارن جي ضرورت آهي

شهري جا مختلف منصوبا هيٺ ڏنل ڇهه ذيلي كميٽين جي وساطت سان هلايا وڃن ٿا.

- قانوني معاملا/كم
- ميڊيا ۽ پاهريان رابطا
- ڏهه لک وٽن جي وٽكاري مهم
- ثقافتي ورثي جو تحفظ ۽ بحالي
- مالي حصول
- اسلحي كان پاڪ معاشرو

### شهري جي ميمبرشپ:

2017 ع لاءِ پنهنجي ميمبرشپ جي تجديد كرائڻ نه وسارجو.

”شهري-سي بي اِي“ ۾ شركت كريو ۽ هك سٺي شهري طور هن شهر كي صاف ركڻ، صحت بخش ۽ ماحول دوست ماڳ بنائڻ لاءِ جدوجهد كريو

### شهري ۾ شامل ٿي وڃو

هك بهتر ماحول ٺاهڻ لاءِ

مبلغ -/1000 روپيه جي

كراس چيك تحت

(سالانه ميمبرشپ فيس)

نالي: شهري-سي بي اِي

پاسپورٽ سائز فوٽو سان گڏ

هنڌ: R-88 بلاك2، پي اي سي ايچ ايس، كراچي-75400

ٽيليفون/فيكس: 92-21-3453-0646

نالو: ____________________

ٽيليفون (گهر) ____________________

ٽيليفون (آفيس) ____________________

هنڌ: ____________________

پيشو ____________________